

صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# پياري آقا

## جون پياريون ادائون

14-November-2019

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Sisters)

هرمبلغ بيان ڪرڻ ڪان پهريان گهٽ ۾ گهٽ تي پيرا پڙهي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# پياري آقا جون پياريون ادائون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## دُرُود شريف جي فضيلت

رسولِ اَڪرم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: منهنجو جيڪو اُمّتي اِخلاص سان مون تي هڪ ڀيرو دُرودِ پاڪ پڙهندو الله پاڪ ان تي ڏهه (10) رَحمتون نازِل فرمائيندو، ان جا ڏهه (10) دَرَجا بلند فرمائيندو، ان جي لاءِ ڏهه (10) نيڪيون لکندو ۽ ان جا ڏهه (10) گناهه مٽائيندو. (سنن ڪبريٰ،ڪتاب عمل اليوم ...الخ،باب ثواب الصلاة...الخ،۶/۲۱،حديث:۹۸۹۲)

ميری زبان تر رہے ذِکر و دُرُود سے بے جا ہنسوں کبھی نہ کروں گفتگو فُضول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ ڪان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿيون.فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ"يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل ڪان بهتر آهي .

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻه مدني گُل:(1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيترِيون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندَس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندَس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين اسلامي ڀينرن جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندَس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندَس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندَس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ واريءَ جي دِل جوئي جي لاءِ آهستہ آواز سان جواب ڏيندَس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندَس-دوران بيان موبائل جي غيرضروري استعمال کان بچندَس،نہ بيان ريڪارڊ ڪندَس نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز ڇو تہ ان جي اجازت ناهي،جيڪو ڪجه ٻُڌندَس،ان ڪي ٻڌي ۽ سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان ڪي بعد ۾ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندَس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** انسان جنهن سان محبت ڪندو آهي ان جو ڪثرت سان ذڪر ڪندو آهي، ان جي نقش قدم تي هلڻ، ان جي ادائن ڪي اپنائڻ ۽ قول ۽ فعل ۽ عمل ۾ ان جي نقل ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندو آهي ڇوتہ محبوب جي ادائن ڪي پسند ڪرڻ ۽ اپنائڻ ئي محبت جي نشاني ۽ محبت ۾ سچائي جو دليل هوندو آهي. جيئن تہ اسان بہ پنهنجي پياري پياري آقا، مديني واري مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان محبت ڪريون ٿا، اسان ڪي پنهنجي محبت جي سچائي ڪي پرکڻ جي لاءِ غور ڪرڻ گهرجي تہ اسان پنهنجي محبوب آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري سُنّتن ۽ نِرالي ادائن ڪي ڪيتري حد تائين اپنايون ٿيون؟ اڄ جي بيان ۾ اسان پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڪجه پياري پياري ادائن ۽ سُنّتن مثال طور پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڳالهائڻ جو انداز

ڪهڙو هو؟ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪائڻ جو انداز ڪهڙو هو؟ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو معاشري ۾ رهڻ جو انداز ڪهڙو هو؟ گڏوگڏ صحابہ ڪرام ۽ صحابيات ۽ بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِين جي سنّتِ رسول سان والهانہ محبت، سُنَّتن تي عمل ڪرڻ جي واقعن جي باري ۾ ٻڌنديوسين. تنهنڪري سٺين سٺين نيتن ۽ دلجمعي سان مڪمل بيان ٻڌڻ جي نيت ڪري وٺو.

اچو! سڀ کان پهريان پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زندگي گذارڻ جو هڪ واقعو ٻڌون ٿيون، جيئن

## اَخلاقِ مصطفيٰ جون جهلڪيون

اُمُّ المومنين حضرت عائشہ صِدّيقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان وڌيڪ ڪوئي خوش اخلاق نہ هو. رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا صحابي يا حضور جي گهر وارن مان جيڪو بہ پاڻ کي سڏيندو هو تہ ڪين لَبَّيڪ (يعني مان حاضر آهيان) چئي جواب ڏيندا هئا. حضرت جرير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ارشاد فرمائن ٿا: مان جڏهن کان مسلمان ٿيو آهيان ڪڏهن بہ رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي پاڻ وٽ اچڻ کان نہ روڪيائون ۽ جنهن وقت بہ مون کي ڏسندا ها تہ مرڪي پوندا ها ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي صحابہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کان خوش طبعي بہ ڪندا هئا ۽ سڀني سان ملي جلي رهندا ها، هر هڪ سان گفتگو ڪندا هئا، صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جي ٻارن سان بہ خوش طبعي ڪندا ها، انهن جي ٻارن کي پنهنجي مُبارڪ هنج ۾ ويهاريندا ها، آزاد، غلام ۽ مسڪين سڀني جون دعوتون قبول ڪندا ها، مديني کان ڪافي پري رهندڙ مريضن جي عيادت جي لاءِ تشريف کڻي ويندا ها ۽ مَعذِرَت ڪرڻ واري جي مَعذِرَت قبول ڪندا ها.

(الشفاء بتعريف حقوق المصطفي ،فصل واما حسن عشرته، ١ / ١٢١)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اوهان ٻڌو تہ حضور نبي رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهر وارن، پنهنجي عزيزن، پنهنجي صحابين، پنهنجي رشتيدارن، پنهنجي پاڙيسرين ايستائين جو هر هڪ سان ايتري خوش اخلاقي ۽ ملنساري

سان پيش ايندا ها جو انهن مان هر هڪ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان محبت ڪرڻ وارو ڀڃي ويندو هو، جڏهن ڪو پاڻ کي سڏيندو هو ته پاڻ جواب ۾ لبيڪ (يعني مان حاضر آهيان) فرمائيندا ها، پر افسوس! اڄوڪي دور ۾ اسان پنهنجي حالت تي جيڪڏهن غور ڪريون، ته اسان جا گهر وارا، رشتيدار مطلب ته اسان سان تعلق رکڻ واريون اسان جي بُري اخلاق ۽ ڪردار جي ڪري پريشان نظر ايندون آهن، ڇوته ڪڏهن اسان اڙي اوئي سان گفتگو ڪنديون آهيون ته ڪڏهن اسان ڀين سان لڙائي جهيڙو ڪندي نظر ايندون آهيون، ڪڏهن ڪنهن جي غيبت، چغلي ۽ دل آزاري ڪندي نظر ايندون آهيون، ته ڪڏهن گهر ۾ والدين ۽ ڀيڻ ڀائرن سان اٽڪندي نظر ايندون آهيون، ڪڏهن دوستياڻن سان بي رُخي ۽ بدسُلوڪي ڪندي نظر ايندون آهيون، ته ڪڏهن ٻارن سان اجائي سختي سان پيش ايندون آهيون، ڪڏهن گهر وارن سان جهيڙو ڪندي نظر ايندون آهيون ته ڪڏهن پاڙي وارين تي ناراضگي جو اظهار ڪنديون آهيون، ڪڏهن وري پنهنجي رشتيدارن سان قطع تعلقي ڪنديون آهيون، مطلب ته بدقسمتي سان نه اسان ظاهر ۾ سُنّتِ مُصطَفٰي جون پابند آهيون نه ڪردار ۾ اخلاقِ مُصطَفٰي جون پيڪر آهيون، اسان کي گهرجي ته اسان پنهنجي زندگي حضور نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سيرتِ طيبه جي مطابق گذاريون، جيئن ته

اسان جي رَبّ ڪريم پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پيروي ڪرڻ جو حڪم ارشاد فرمايو:

لَقَدۡ كَانَ لَكُمۡ فِيۡ رَسُوۡلِ اللّٰهِ اُسۡوَةٌ حَسَنَةٌ (پ٢١،الاحزاب:٢١)

ترجمو ڪنز الايمان: بيشڪ توهان لاءِ رسول الله جي پيروي بهتر آهي-

مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن آيت سڳوري جي حوالي سان فرمائن ٿا: معلوم ٿيو ته ڪامياب زندگي اها ئي آهي جيڪا اُنهن جي نقشِ قدم تي

هجي، جيڪڏهن اسان جو جيئڻ، مرڻ، سمهڻ، جاڳڻ، حضور (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جي نقشِ قدم تي ٿي وڃي ته اهي سمورا ڪم عبادت بڻجي ويندا. (نور العرفان، پ۲۱، الاحزاب، تحت الآية:۲۱)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سنتن تي عمل ڪرڻ جون برڪتون

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اها حقيقت آهي ته جيڪي ماڻهو اٿڻ، ويهڻ، هلڻ، ڦرڻ، سمهڻ جاڳڻ، کائڻ پيئڻ، ۽ گفتگو ڪرڻ ۾ پياري پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سُنَّتن کي اپنائن ٿا ته ربّ ڪريم جون رحمتون انهن تي ڇماڇم وسن ٿيون، ڇوته ❖ سُنَّتن تي عمل ڪرڻ وارن کي ربّ ڪريم جي رضا نصيب ٿيندي آهي، ❖ سُنَّتن تي عمل ڪرڻ وارن جو شمار ربّ ڪريم جي پسنديده ٻانهن ۾ ٿيندو آهي، ❖ سُنَّتن تي عمل ڪرڻ وارن کي خوفِ خُدا نصيب ٿيندو آهي، ❖ سُنَّتن تي عمل ڪرڻ وارن کي فڪرِ آخرت جو ذهن نصيب ٿيندو آهي، ❖ سُنَّتن تي عمل ڪرڻ وارن کي حقيقي محبتِ رسول نصيب ٿيندي آهي، ❖ سُنَّتن تي عمل ڪرڻ وارن کي ڪيئي شهيدن جو اجروثواب حاصل ٿيندو آهي، ❖ سُنَّتن تي عمل ڪرڻ وارن کي ٻنهي جهانن ۾ ڪاميابيون نصيب ٿينديون آهن، ❖ سنتن تي عمل ڪرڻ وارن کي پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي جي خُوشنودي ۽ قُرب حاصل ٿيندو آهي. اچو! سُنَّتن تي عمل جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ هڪ واقعو ٻڌون ٿيون: جيئن

## سنّت تي عمل جي برڪت سان بخشش ٿي وئي

حضرت علي بن حُسين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حضرت هِبَةُ الله طَبَري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي خواب ۾ ڏسي پڇا ڪيائون: مَا فَعَلَ اللّٰه بِڪ يعني الله ڪريم اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ حضرت هِبَةُ الله رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جواب ڏنو: الله ڪريم منهنجي بخشش فرمائي ڇڏي. عرض ڪيو ويو: ڪهڙي سبب؟ ته انهن رازداري واري انداز ۾ فرمايو: سُنّتِ مُبارڪ تي عمل جي ڪري. (سيراعلام النبلاء،رقم:۲۷۴،هبة الله بن الحسن،

۴۱۹/۱۷ بتغير)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اها آهي سچي محبت ۽ ڪامل اطاعت ۽ فرمانبرداري جو سرڪار مدينہ جي حڪم تي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيائون ڇڻ تہ الله جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي وات مُبارَڪ مان نڪرندڙ لفظ انهن جي لاءِ سڀ ڪجھ هوندا هئا، ان جي علاوه بہ آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سنتن ۽ فرمانن تي عمل جو تمام گهڻو جذبو رکڻ وارن عاشقانِ رسول جا ڪوڙ سارا واقعا آهن. جيئن

## سُنّت تي عمل جي برڪت

اَميرِاَهلسنّت، حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي مايہ ناز ڪتاب فيضانِ سُنّت جلد اَوّل جي صفحي نمبر 263 تي هڪ واقعو نقل ڪندي فرمائن ٿا: زبردست محدّث حضرت سيّدنا هُدبہ بن خالد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪي بغداد جي خليفي مامون رشيد پاڻ وٽ دعوت تي گهرايو، کاڌي جي آخر ۾ کاڌي جا جيڪي ذرا وغيره ڪِري پيا هئا، اهي محدّث حضرتِ سيّدنا هُدَبہ بن خالد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چونڊي چونڊي ڪري کائڻ لڳا،خليفہِ بغداد مامون رشيد حيران ٿي ڪري چيو، اي شيخ! ڇا توهان جو اجا تائين پيٽ ناهي ڀريو؟ فرمايائون چو نہ! دراصل ڳالھ هي آهي جو مون کي حضرت سيّدُنا حمّاد بن سلمہ رَضِيَ اللهُ عَنْه هڪ حديث بيان فرمائي آهي تہ ”جيڪو شخص دسترخوان تي ڪِريل ذرن کي چونڊي چونڊي ڪري کائيندو اهو تنگدستي کان بي خوف ٿي ويندو.“ (اتحاف السادة المتقين،الباب الاول،۵۹۷/۵) مان انهيءَ حديثِ پاڪ تي عمل ڪري رهيو آهيان، اهو ٻُڌي ڪري مامون بيحد متاثر ٿيو ۽ پنهنجي هڪ خادم ڏانهن اشارو ڪيائين تہ هو هڪ هزار دينار رومال ۾ ٻَڌي ڪري کڻي آيو، مامون ان کي حضرت سيّدُنا هُدبہ بن خالد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ نذراني طور پيش ڪيو، حضرت سيّدُنا هُدبہ بن خالد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو اَلْحَمْدُلِلّٰه حديث مبارڪ تي عمل جي هٿوهٿ برڪت ظاهر ٿي وئي. (ثمراتُ الاوراق، ۸/۱)

## رزق جي قدر ڪريو

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان ڪيل واقعي مان بہ اهم نڪتا حاصل

ٿيا. پهريون نڪتو اهو ته دستر خوان تي ڪريل ٽڪرا کائڻ جي برڪت سان رزق ۾ برڪت ٿيندي آهي ۽ رزق جي تنگي کان حفاظت نصيب ٿيندي آهي، پر افسوس! اڄڪلهه اسان جي گهرن ۾ انتهائي بي حِسي سان رِزق جي ناقدري ۽ بي حُرمتي ڪئي ويندي آهي، چانهه، پاڻي، ڪولڊ ڊرنڪ ۽ شربت وغيره پيئڻ ۽ کاڌو کائڻ کان پوءِ ٿانوءَ ۾ ٿورو ڇڏيو ويندو آهي جنهن کي اڄڪلهه شايد فيشن سمجهيو ويندو آهي ۽ پوءِ ان بچيل رزق کي گندي نالين ۾ اڇلايو ويندو آهي.

اميرِاهلسنّت باني دعوتِ اسلامي حضرت علاّمہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رَضَوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اڄڪلهه انتهائي بي حسي سان ٿيندڙ رزق جي ناقدري ۽ بي حُرمتي تي افسوس ۽ ڏک جو اظهار ڪندي ارشاد فرمائن ٿا: اڄڪلهه رِزق جي بي قَدري ۽ بي حُرمتي کان ڪهڙو گهر خالي آهي، بنگلي ۾ رهڻ وارن اَرَب پَتي کان وٺي جهوپڙيءَ ۾ رهڻ وارن مزدورن تائين رزق ۾ بي احتياطي جو شڪار نظر اچن ٿا، شادي ۾ طرح طرح جي کاڌن جي ضايع ٿيڻ کان وٺي گهرن ۾ ٿانوَ ڌوئڻ وقت جهڙي نموني ٻوڙ جو شوربو، چانور ۽ ان جا اجزا وهائي مَعَاذَ الله نالي جي حوالي ڪيا ويندا آهن، جنهن سان اسان سڀ واقف آهيون، ڪاش اسان ۾ به کاڌو ضايع ڪرڻ کان بچڻ جو جذبو پيدا ٿي وڃي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ماٺهو ڇا چوندا!

ٻيو نڪتو اهو مليو ته اسان جا بُزرگ سڳورا سنتن سان ايتري قدر محبت ڪندا هئا جو اهي سُنّتن تي عمل ڪرڻ جي معاملي ۾ دنيا جي وڏي کان وڏي امير، رئيس، بادشاهه، وزير ۽ ڪنهن وڏي عهدي واري جي پروا نه ڪندا هئا، پر افسوس! اڄڪلهه سُنّتون ته رهيون پري اسان فرض ۽ واجبات ۾ ڪوتاهي ڪنديون آهيون، ڪڏهن نمازون ٽائيم تي ناهيون پڙهنديون ته ڪڏهن نمازون

بلڪل ئي ڇڏي ڏينديون آهيون، ڪڏهن بد نگاهي ڪنديون ٿيون تہ ڪڏهن رشتيدارن ۽ دوستياڻن جي ڳالهين جي ڪري دلبرداشتہ ٿي سنتون ڇڏي ڏينديون آهيون ۽ ائين سوچينديون آهيون تہ جيڪڏهن مون سُنّتن تي عمل ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو تہ منهنجا گهر وارا ۽ سهيليون ڇا چونديون؟ جيڪڏهن مان دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ لڳي ويس تہ منهنجون سهيليون ڇا چونديون؟ جيڪڏهن مون قرآنِ ڪريم پڙهڻ يا سکڻ شروع ڪري ڇڏيو تہ منهنجون سهيليون ڇا سوچينديون؟ مطلب تہ اسان سهيلن، گهر وارن ۽ ٻين رشتيدارن جي ڪري نيڪ عمل ۾ سستي ڪنديون ۽ سنتن کي ڇڏيندي نظر اينديون آهيون.

ياد رکو! جيڪڏهن اسان دنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب ٿيڻ چاهيون ٿيون، جيڪڏهن اسان جهنم جي عذاب کان بچي ربِّ ڪريم جي رِضا ماڻڻ چاهيون ٿيون، جيڪڏهن اسان حضورنبي رحمت، شفيعِ اُمَّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شفاعت ماڻڻ چاهيون ٿيون، جيڪڏهن اسان جنت جي ابدي نعمتن جون حقدار ٿيڻ چاهيون ٿيون، جيڪڏهن اسان جنت ۾ آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو قُرب ماڻڻ چاهيون ٿيون، تہ ان جي لاءِ اسان کي پياري آقا، مکي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري صحابہ ۽ صحابيات رَضِيَ اللهُ عَنۡهُم جي نقشِ قدم تي هلڻو پوندو ڇوتہ انهن مقدس هستين جو پائڻ وڇائڻ، سمهڻ جاڳڻ، کائڻ پيئڻ مطلب تہ هر نيڪ ۽ جائز ڪم سنتِ رسول جي مطابق هوندو هو، اهي حضرات ڪهڙي طرح مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ادائن کي پنهنجي زندگي ۾ اپنائيندا ها اچو هن باري ۾ هڪ نهايت ئي پيارو واقعو ٻڌون ٿيون:

## محبوب جي ادا سان محبت

مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”صحابہ ڪرام جو عشقِ رسول“ جي صفحي 27 تي آهي تہ حضرت اَنَس رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ بيان فرمائن ٿا تہ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صحابہ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُم اَجۡمَعِيۡن مان هڪ صحابي جيڪو درزي هو، انهن نبي ڪريم صَلَّى اللهُ

ان پُرخُلُوص دعوت کي قُبُول ڪيو ۽ پاڻ مقرر ڏينهن تي ان صحابي وٽ ويا، نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي گهر ماني جي دعوت ڏني، مان بہ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ ان دعوت ۾ موجود هئس، پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خاطر تواضع جي لاءِ جَو جي ماني ۽ ٻوڙ پيش ڪيو ويو جنهن ۾ ڪدُّو ۽ خشڪ ڪيل نمڪين گوشت هو، کائڻ جي دوران مون حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڏٺو تہ پاڻ پيالي جي ڪنارن مان ڪدّو جا ٽڪرا تلاش ڪري رهيا آهن، حضرت انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا جڏهن مون ڏٺو تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪدُّو کي ايترو پسند فرمائن ٿا، انهيءَ ڏينهن کان مان پاڻ بہ ڪدو کي پسند ڪرڻ لڳس. (بخاري،كتاب الاطعمة، باب المرق ، ٥٣٧/٣، حديث٥٤٣٦)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! هن واقعي مان معلوم ٿيو تہ پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم اَجْمَعِيْن جي دلجوئي جي لاءِ انهن جي دعوت قبول ڪندا هئا، دعوت ڏيڻ وارو مالدار هجي يا نادار، امير هجي يا غريب، بزنس مين هجي يا مزدور، ۽ نہ صرف دعوت قبول فرمائي پاڻ ان وٽ ويندا هئا بلڪ گهروارا جيڪو ڪجهہ سندن اڳيان پيش ڪندا هئا پاڻ ڪنهن ناگواري جو اظهار ڪرڻ بغير ان کي کائيندا هئا، هن واقعي مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ ڪدو شريف پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي انتهائي پسنديده سبزي هئي ۽ رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وڏي شوق سان ڪدو شريف کائيندا هئا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هميشہ سچ ڳالهائيندا ها

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اچو! پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون وڏيڪ پياريون ادائون ٻڌون ٿيون ۽ انهن ادائن کي ٻڌي اسان بہ ڪوشش ڪريون تہ پنهنجي محبوب آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ادائن کي اپنايون.

پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري ادائن مان هڪ ادا سچ ڳالهائڻ بہ آهي، اُمُّ الْمُؤْمِنِين حضرتِ عائشہ صِدّيقہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: ”ڪوڙ کان وڌيڪ ڪا

عادت رَسُولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ويجهو ناپسنديده نہ هئي.
(سنن الکبري للبيهقي،کتاب الشهادات،باب من کان منکشف ...الخ، ۳۳۱/۱۰، حديث:۲۰۸۲۱)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ٻڌو اوهان تہ پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪوڙ کي پسند نہ ڪندا هئا، پيارا آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سچائي تي ڪيتري قدر مضبوطي سان پابند هئا ان جو اندازو هن ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ اعلانِ نبوت کان پهريان پاڻ مڪي شريف ۾ صادق (سچي) جي لقب سان مشهور هئا ۽ اهي ماڻهو جيڪي پاڻ جا سخت ترين دشمن هئا اهي بہ سندن سچائي جي شاهدي ڏيندا هئا، لهٰذا اسان کي گهرجي تہ هن معاملي ۾ بہ حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نقشِ قدم تي هلون، حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نہ صرف پاڻ هميشہ سچائي جا عادي رهيا، بلڪ پنهنجي غلامن ۽ پنهنجي ٻانهين کي بہ صداقت، امانت ۽ ديانت جي ترغيب ڏيندا رهيا ۽ انهن کي ڪوڙ کان بچائڻ جي لاءِ وقت بوقت ڪوڙ جون تباهہ ڪاريون بيان ڪندا رهيا. اچو ڪوڙ جي عادت کان پيڇو ڇڏائڻ جي لاءِ فرامينِ مُصطَفٰي جي روشني ۾ ان جون ڪجهہ هلاڪتون ٻڌون ٿيون،

## ڪوڙ جا ڀيانڪ نتيجا:

❖ جڏهن ٻانهو ڪوڙ ڳالهائيندو آهي، ان جي بَدبُوءَ سبب ملائڪ هڪ مِيل پري ٿي ويندو آهي. (ترمذي، کتاب البر والصلة، باب ماجاء في الصدق والکذب، الحديث: ۱۹۷۹،۳/ ۳۹۲) ❖ ڪوڙ ڳالهائڻ سڀ کان وڏي خِيانت آهي. (سنن ابي داود، کتاب الادب، باب في المعاريض،الحديث:۴۹۷۱،۴/۳۸۱) ❖ ڪوڙ ايمان جو مُخالِف آهي. (مسنداحمد،مسند ابي بکر الصديق،۲۲/۱،حديث:۱۶) ❖ ماڻهن کي کلائڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻ واري جي لاءِ بربادي آهي. (ترمذي، کتاب الزهد، باب ماجاء من تکلم بالکلمة ليضحک الناس، الحديث:۲۳۲۲، ۱۴۲/۴) ❖ ماڻهن کي کلائڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻ وارو جهنَّم جي ايتري اونهائي ۾ ڪرندو آهي جيڪو آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ فاصلي کان وڏيڪ آهي. (شعب الايمان، باب في حفظ اللسان، الحديث:۴۸۳۲، ۲۱۳/۴) ❖ ڪوڙ ڳالهائڻ سان مُنهن ڪارو ٿي ويندو آهي. (شعب الايمان، باب في حفظ اللسان، الحديث:۴۸۱۳، ۲۰۸/۴) ❖ ڪوڙي ڳالهہ ڪرڻ گناهہ ڪبيره آهي. (المعجم الکبير،۱۴۰/۱۸،حديث:۲۹۳ ملخصاً) ❖ ڪوڙ ڳالهائڻ مُنافِق جي عَلامتن مان هڪ

علامت آهي. (مسلم، كتاب الايمان، باب خصال المنافق،ص:۵۳، حديث:۲۱۰) ❖ ڪوڙ ڳالهائڻ وارا قِيامت جي ڏينهن، اللّٰه جي ويجهو سڀ کان وڌيڪ ناپسنديده اَفراد ۾ شامِل هوندا. (كنز العمال، ۳۹/۱۶، حديث:۴۴۰۳۷)

میں جُھوٹ نہ بولوں کبھی گالی نہ نِکالوں! اللہ مَرَض سے تُو گُناہوں کے شِفا دے!

## ڪوڙ ڳالهائڻ مؤمن جو شان ناهي

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! معلوم ٿيو تہ سچ اللّٰه پاڪ ۽ آقا ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاھ ۾ سڀ کان پسنديده ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ انتهائي ناپسنديده عادت آهي پر اسان جو معاشرو شايد ڪوڙ جي بغير ڪو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، اسان کي تہ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ جي مبارڪ عادتن اپنائڻ گهرجي ها، پر افسوس جي ڳالھ آهي تہ اسان اڄ ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ فخر محسوس ڪريون ٿيون گهر ۾ هجون تہ ڪوڙ، سهيلن جي محفل ۾ هجون تہ ڪوڙ، استاد آهيون تہ تعليمي اداري ۾ ڪوڙ، طالبِ علم آهيون تہ پنهنجي ڪلاس ۾ ڪوڙ، ماءُ پيءُ آهيون تہ ٻارن سان ڪوڙ، اولاد آهيون تہ والدين سان ڪوڙ، خريدار آهيون تہ سامان خريدڻ ۾ ڪوڙ، هر ڪم ۽ ڳالھ ۾ ڪوڙ ڪوڙ ۽ ڪوڙ، ڇڻ تہ اسان پنهنجي اها سوچ ٺاهي ورتي آهي تہ "**ڪوڙ جي بغير ڪم خراب ٿي ويندو يا نظامِ زندگي درهم برهم ٿي ويندو**" اهو ئي سبب آهي تہ ڪي ماڻهو وڏي جرئت سان اهو چوندي ٻڌا ويندا آهن تہ ڪوڙ جي بغير گُذارو ئي ناهي، ان جي بغير ڪم ناهي هلندو، جڏهن تہ حقيقت اها آهي تہ اللّٰه پاڪ ۽ ان جي رسول جي نافرماني ڪرڻ سان ڪم نتا ٺهجن بلڪ بگڙجي ويندا آهن، هن نافرماني سان نظامِ زندگي سنورجندي ناهي بلڪ اُجڙي ويندي آهي. تنهنڪري حقيقي مومن ٺهجو ۽ هميشہ سچ ڳالهايو، ڪهڙي ئي مُصيبت پوي، ڪنهن بہ مشڪل ۾ ڦاسي پئو پر ڪوڙ جو سهارو نہ وٺو، ڇوتہ ڪوڙ ڳالهائڻ ڪنهن مومن مرد ۽ عورت کي زيب ناهي ڏيندو، اهو ئي سبب آهي تہ اسان جي پياري پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: مومن جي فطرت ۾ خيانت ۽ ڪوڙ جي علاوه هر خصلت (عادت) ٿي سگهي ٿي. (مسند احمد،مسند بزار،۲۷۶/۸،

۾ وڏي خيانت اها آهي تہ توهان پنهنجي ڀاءُ کي اهڙي ڳالھ چئو جنهن حديث:(٢٢٢٣٢) ۾ اهو توهان کي سچو سمجهي رهيو هجي جڏهن تہ توهان ان سان ڪوڙ ڳالهائي رهيا هجو.

## پياري آقا جو پيارو ڪلام

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان جي پياري پياري آقا ،مڪي مدني مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حَسِين ادائن مان هڪ پياري ادا اها بہ هئي تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ گفتگو پُر وقار انداز ۾ آهستہ آهستہ انداز ۾ ڳالھ ڪندا هئا. جيئن تہ

اُمُّ المُومِنِين حضرت عائشہ صِدّيقہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمائن ٿيو تہ پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نهايت تيزي سان جلدي جلدي گفتگو نہ فرمائيندا هئا بلڪ هوريان هوريان گفتگو ڪندا هئا، ڪلام ايترو صاف ۽ واضح هوندو هو جو ٻڌڻ وارا ان کي سمجهي ياد ڪري وٺندا هئا. جيڪڏهن ڪا اَهمّ ڳالھ هوندي هئي تہ ڪڏهن ڪڏهن ٽي ٽي ڀيرا دهرائيندا هئا تہ جيئن ٻڌڻ وارا ان کي چڱي نموني ذهن نشين ڪري وٺن. پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ضرورت بنا گفتگو نہ ڪندا هئا بلڪ اڪثر خاموش ئي رهندا هئا. (الشمائل المحمدية،باب كيف كان كلام رسول الله، ص١٣٤-١٣٥، حديث: ٢١٣-٢١٤-٢١٥)

## گفتگو (ڳالھ ٻولھ) بابت ڪجھ اهم نڪتا

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! نبي ڪريم، رؤف رَّحيم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مُبارڪ گفتگو جي باري ۾ اسان جيڪي ڪجھ پياريون پياريون ادائون ٻڌيون هن مان ڪجھ نڪتا حاصل ٿيا. ❖ پهريون نڪتو اهو آهي تہ گفتگو ڪرڻ مهل آواز گهڻو تيز ۽ جلدي جلدي ۾ نہ هجي جو هن سان ٻڌڻ واريءَ جي لاءِ ڳالھ سمجهڻ مشڪل ٿي ويندي آهي. ❖ ٻيو نڪتو اهو آهي تہ جڏهن بہ ڳالھ ڪريون تہ آواز ايتري هوريان ۽ گهٽ نہ هجي جو ٻڌڻ واريءَ تائين آواز نہ پهچي يا پوءِ ان کي الفاظ ئي سمجھ ۾ نہ اچن، اهڙي طرح گفتگو ڪرڻ ۾ ايتري قدر بلند آواز بہ

نہ هئڻ گهرجي جو ڪا ٻين اسلامي ڀيڻ گفتگو جي ڪري بيزاري ۾ مبتلا ٿي وڃي يا تڪليف محسوس ڪري، تنهنڪري جڏهن بہ گفتگو ڪريون آواز ۾ اعتدال جو خاص خيال رکون تہ جيئن ڪنهن ٻئين کي ڪا تڪليف بہ نہ پهچي. ❖ ٽيون نڪتو اهو حاصل ٿيو تہ جڏهن ڪنهن کي ڪا ڳالهہ سمجهائڻ مقصود هجي تہ هن ڳالهہ کي هڪ کان وڌيڪ ڀيرا دهرائڻ ۾ حرج ناهي ۽ نہ ئي هن مقصد سان هڪ جملو ڪيئي ڀيرا دهرائڻ فضول گوئي جي زمري ۾ اچي ٿو بلڪ ڪنهن کي چڱي طرح ڳالهہ سمجهائڻ ۽ ذهن نشين ڪرائڻ جي لاءِ پنهنجي ڳالهہ کي هڪ کان وڌيڪ ڀيرا دهرائڻ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري ادا آهي. ❖ چوٿون نڪتو اهو مليو تہ بلا ضرورت گفتگو ڪرڻ کان سنو اهو آهي تہ خاموش رهيو وڃي ان ڪري جو فضول گفتگو ۾ ٿورڙي بہ ڀلائي نہ آهي ۽ فضول گفتگو اڪثر اوقات پڇتاوي جو سبب بہ بڻجي ويندي آهي، پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اڪثر خاموش رهندا هئا پر ان جو مطلب اهو ناهي تہ ڪا پنهنجي زبان سان ذڪرُالله بہ نہ ڪري ۽ نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان روڪڻ جهڙي چڱن ڪمن کان پنهنجو پاڻ کي روڪي رکي.

## خاموشي مان مراد ڇا آهي؟

حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: خاموشي مان مراد آهي دنياوي گفتگو کان خاموشي، نہ تہ حضورِ اقدس (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جي زبان شريف الله پاڪ جي ذڪر ۾ تَر رهندي هئي، ماڻهن سان بِلاضرورت ڪلام نہ ڪندا هئا. اهو ذڪر آهي جائز ڪلام جو، ناجائز ڪلام تہ سڄي عمر زبان شريف تي آيو ئي نہ، ڪوڙ، غيبت،چغلي وغيره سڄي عمر شريف ۾ هڪ ڀيري بہ زبان مبارڪ تي نہ آيو. حضور سراپا (مٿي مبارڪ کان پيرن شريف تائين) حق آهن پوءِ پاڻ تائين باطل جي رسائي ڪيئن ٿئي. انب جي وڻ ۾ ڄمون نٿا لڳن، ميويدار وڻ، ڪنڊيدار وڻ نٿا ٿين. پاڻ فرمايائون تہ جيڪو بہ گفتگو ڪري تہ خير ڳالهائي نہ تہ ماٺ رهي، حضرت ابوبڪر صديق (رَضِيَ اللهُ

عَنْه) فرمائن ٿا: ڪاش مان فضول ڳالهه ڪرڻ کان گونگو هجان ها. (مرأة المناجيح ،٨١/٨ بتغير قليل)

**پیاریون پیاریون اسلامي ڀينرون!** اوهان ٻڌو تہ پیارا آقا صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ **خاموشي** کي ڪيتري قدر پسند ڪندا هئا، ۽ بِلا ضرورت ڪو ڪلام نہ ڪندا هئا جيڪڏهن پنهنجي مبارڪ زبان کي حَرَڪت ڏيندا هئا تہ الله پاڪ جي ذڪر جي لاءِ، ان جي احڪامات کي بيان ڪرڻ جي لاءِ، پنهنجي ازواجِ مطهرات جي دل جوئي جي لاءِ، پنهنجي پیاري صحابہ جي مدني تربيت فرمائڻ جي لاءِ، ماڻهن کي نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ جي لاءِ، تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ فضول گوئي کان هر دم بچنديون رهون، اچو! فضول گفتگو کان بچڻ جي فضيلتن تي بہ فرمانِ مصطفٰي ٻڌون ٿيون:

## فرمانِ مصطفٰي

(1) ارشاد فرمايائون: جيڪو الله پاڪ ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو ان کي گهرجي تہ چڱي ڳالهه ڪري يا ماٺ رهي. (مسلم ، كتاب الايمان ،باب الحث علي اكرام الجار...الخ، ص ۴۸،حديث:۱۷۴)

(2) ارشاد فرمايائون: ٻانهو ان وقت تائين ايمان جي حقيقت نٿو ماڻي سگهي جيستائين پنهنجي زَبان کي روڪي نہ رکي. (المعجم الاوسط ،حديث: ۶۵۶۳، ۵۵/۵)

یارب! نہ ضَرورت کے سوا کچھ کبھی بولوں — اللہ زَباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ
بک بک کی یہ عادت نہ سرِ حَشر پھنسا دے — اللہ زَباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ
ہر لَفظ کا کس طرح حساب آہ! میں دوں گا — اللہ زَباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ

(وسائلِ بخشش مرمَّم، ص۹۳)

**پیاریون پیاریون اسلامي ڀينرون!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿي، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو فرمان جنّت نشان آهي:**

جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۹۷/۱،حديث:۱۷۵)

سينہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## ويهڻ جون سُنتون ۽ آداب

❖ پلٿي هڻي (چار زانو)ويهڻ نبي ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان ثابت آهي. ❖ جتي ڪجهه اُس ۽ ڪجهه ڇانوَ هجي اتي نہ ويهو. حضرت سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ”جڏهن توهان مان ڪو ڇانوَ ۾ هجي ۽ ان تان ڇانوَ ختم ٿي وڃي ۽ هو ڪجهه اُس ۽ ڪجهه ڇانوَ ۾ رهجي وڃي تہ ان ڪي گهرجي تہ ان جاءِ تان اٿي وڃي. (ابو داود،كتاب الادب،باب في الجلوس بين الظل و الشمس، حديث ۴۸۲۱، ج۴،ص۳۳۸) ❖ قبلي ڏانهن منهن ڪري ويهو. (رسائل عطاريہ حصو 2 ص 229) اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، مولانا احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: پير ۽ استاد جي جاءِ تي انهن جي غير موجودگي ۾ بہ نہ ويهي. (فتاويٰ رضويہ، ج 24 ص 369، 424) ❖ جڏهن بہ اجتماع يا مجلس ۾ اچو تہ ماڻهن ڪي اورانگهي اڳتي نہ وڃو جتي جڳهہ ملي اتي ئي ويهي رهو. ❖ جڏهن ويهو تہ جوتا لاهي ويهو توهان جي پيرن کي آرام ملندو. (جامع صغير ،حديث:۵۵۴،ص۴۰ ) ❖ مجلس مان فارغ ٿي ٽي ڀيرا هيءُ دعا پڙهو تہ گناهہ معاف ٿي ويندا ۽ جيڪا اسلامي ڀيڻ ڀلائي ۽ ذِڪر واري مجلس ۾ پڙهي تہ ان جي لاءِ خير تي مهر لڳائي ويندي، اها دعا هي آهي:

”سُبْحَانَكَ اللّٰهُمَّ وَبِحَمْدِكَ لَا اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ اَسْتَغْفِرُكَ وَاَتُوْبُ اِلَيْكَ“ ترجمو: ”تنهنجي ذات پاڪ آهي ۽ اي الله! سڀ خوبيون تنهنجي لاءِ ئي آهن، تو کانسواءِ ڪو معبود ناهي، توکان بخشش گهران ٿو ۽ تو ڏانهن توبهہ ڪريان ٿو. (سنن ابي داؤد،كتاب الادب، باب في كفارة المجلس، الحديث: ۴۸۵۷، ۳۴۷/۴) ❖ جڏهن ڪو ماءُ پيءُ اچن تہ تعظيم لاءِ اُٿي بيهڻ ثواب آهي. ❖

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل

ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۾ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں اور آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۾ پڙهو.

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** اِنْ شَآءَ الله **آئنده هفتيوار اِجتماع جو موضوع** هوندو: "**نبي ڪريم** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي جسماني طاقت**". رَبِيعُ الاَوَّل جو مبارڪ مهينو پنهنجون برڪتون لُٽائي رهيو آهي، هر پاسي مٺي مٺي آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جا ترانا آهن ۽ هر پاسي پاڻ سڳورن** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي** ڪمالات جو تذڪرو ڪيو پيو وڃي، انهيءَ مناسبت سان آئنده هفتي جي بيان ۾ سرڪارِ دوعالم، **نورِ مجسم** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي جسماني طاقت جي باري ۾** واقعا ۽ حڪايتون ۾ ڪوڙ اهم ڳالهيون بيان ڪيون وينديون. لهٰذا! **آئنده اربع تي ٻه اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نه صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين اسلامي ڀينرن کي به گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو